# NEW SINDHI GRAMMAR

Vaisdev. M. Karna.

# نئون سنڌي گرامر

chetan.

1

(انگريزي سيني درجن،
ٽريننگ ڪاليج ۽
سنڌي مٿين درجن لاءِ)


مصنف

فتحچند ڪوڙومل واسواڻي

بي. اي


قيمت ٠-٢-٠


مصنف ۽ ڇپائيندڙ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم



اسڪول ۽ ڪاليج اسٽورس

بڪسيلرس ۽ پبلشرس

هيرآباد - حيدرآباد سنڌ.

# NEW SINDHI GRAMMAR

# نئون سنڌي گرامر

## * گرامر جا پاڱا

سنڌي گرامر سنڌي ٻولي شڌ لکڻ ۽ ڳالهائڻ جا نيم يا قاعدا تو سيکاري.

سنڌي گرامر جا ۷ پاڱا آهن:—

(۱) **اکر ويچار** يا املا يا **شڌ لکڻ** Orthography سنڌي اکرن جا قسم، روپ ۽ اچار ۽ انهن جي لکڻ جي شڌ ريت تو سيکاري.

(۲) **شبد ويچار** يا **صرف** or Accidence Etymology لفظن جا قسم، قيوا ۽ گردان تو سيکاري.

(۳) **وڌتپتي** يا **اشتقاق** Derivatives سيکاري تو ته لفظ مول لفظن ۽ هڪ ٻئي مان ڪيئن ٿا ٺهن.

(۴) **واڪ رچنا** يا **نحو** Syntax لفظن مان جملن ٺاهڻ جي ريت ۽ انهن جا لاڳاپا تو ڏيکاري.

(۵) **واڪ ڇيد** Analysis سيکاري ٿو ته جملا ۽

---

* گرامر يا وياڪرڻ کي "صرف نحو" به چوندا آهن.

$a^4 + a^3b + a^2b^2$
$+ ab^3 + b^4.$

$a$

No: is 59

The boy ~~might~~ Would have written the letter.

$$
\begin{array}{l}
a-b\,)\; a^5 - b^5 \;(\, a^4 + a^3b + \ldots \\
\quad a^5 - a^4b \\
\quad - \quad + \\
\hline
\quad a^4b \\
\quad a^4b - a^3b^2 \\
\quad - \quad + \\
\hline
\quad a^3b^2 \\
\quad a^3b^2 - a^2b^3 \\
\quad - \quad + \\
\hline
\quad a^2b^3 \\
\quad a^2b^3 - ab^4 \\
\quad - \quad + \\
\hline
\quad ab^4 - b^5 \\
\quad ab^4 - b^5 \\
\quad - \quad + \\
\hline
\quad 0
\end{array}
$$

(١) حروفِ صحيح اُهي اکر آهن جي حروفِ علت جي مدد کانسواءِ برابر اُچاري نہ سگهجن؛ مثلاً، ا، و، ي کانسواءِ ٻيا اکر.

(٢) حروفِ علت اُهي اکر آهن جنکي پنهنجو سُر يا آواز آهي يعني جي ٻين اکرن جي مدد کانسواءِ باٿمرادو اُچاري سگهجن؛ مثلاً، ا، و، ي.

(٣) نج سنڌي اکر:- Sindhi Letters ٻ، ڄ، ڏ، ڳ اکرن کي زور ڀرائي ڏاڍو ڪبو تہ اهي ٿري ٻ، ڄ، ڏ، ڳ ٿي پوندا؛ مثلاً، بوند – ٻوند؛ جيرو – ڄيرو؛ دک – ڏک؛ گرڙ – ڳرڙ. اهي چارئي اکر (ٻ، ڄ، ڏ، ڳ) نج سنڌي اکر آهن. جيڪڏهن انهن مان ڪو بہ اکر جنهن لفظ ۾ ايندو سو نج سنڌي لفظ ڄاڻبو.

(٤) حروفِ فارسي Persian Letters چار آهن: پ، چ، ژ، گ جي عربي زبان ۾ ڪم نہ ايندا آهن. انهيءَ ڪري جن لفظن ۾ انهن چئن اکرن مان ڪو بہ اکر اچي سو نج فارسي لفظ ڄاڻبو؛ مثلاً، پرهيزي، اژدها، گل.

(٥) حروفِ عربي Arabic Letters اٺ آهن: ث، ح، ص، ض، ط، ظ، ع، ق، جي فارسي زبان ۾ ڪم نہ ايندا آهن. انهيءَ ڪري جن لفظن ۾ انهن اٺن اکرن مان ڪو بہ اکر اچي سو نج عربي لفظ ڄاڻبو؛ مثلاً، مثل؛ حڪيم، صبر، ضمير، طعام، ظالم، عمر، ورق.

جملن جا ڀاڱا ۽ لفظ ڪهڙن ڪهڙن قسمن جا آهن، ۽ انهن جو پاڻ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي.

(٦) **ورام ويچار** Punctuation سيکاري ٿو ته ارٿ جي چٽائيءَ لاءِ سنڌن ۽ نشانين جي وسيلي سان جملا ۽ انهن جا ڀاڱا ڌار ڌار ڪري ڪيئن ٻهارجن.

(٧) **ڇند ويچار** يا **علم عروض** Prosody لفظن جا وزن ۽ زور ۽ شلوڪن ۽ غزلن ناهڻ جي ريت ٿو سيکاري.

# باب پهريون

## اکر ويچار يا شڌ لکڻ = Orthography

**اکر ويچار:-** سنڌيءَ ۾ مڙيئي ٥١ اکر آهن. جيڪڏهن همزه (ء) ڌار اکر ڪري ليکبو ته ڪل ٻاونجاه اکر ٿيندا. ٽي اکر (ا، و، ي) حرف علت آهن ۽ باقي ٻيا حرف صحيح. انهن اکرن جو ويچار ڪجي ٿو ته ڪهڙيءَ طرح اُنهن جو اُچار ڪجي، ڪهڙيءَ طرح اهي اکر گڏي لفظن ۾ ناهي رکجن ۽ ڪهڙيءَ طرح لفظن جي هجي دُرست (شڌ) ڪجي.

## اکرن جا قسم

**حروف = اکر** = Letters جا ٻه قسم آهن:-

(١) **حُروفِ صحيح**=Consonants ۽ (٢) **حُروفِ علت** = Vowels

ـ اُٿيءَ حرف علت ...ر ۽ همزه رکجي؛ جئن تہ، فائده، طاؤس.

## سوال

ڪهڙن پرڪجي تہ فلاڻو سنڌي لفظ ضرور فارسي يا عربي ٻولين مان آيل آهي؟

# باب ٻيو

## شبد ويچار يا صرف = Accidence or Etymology

## ڳالهائڻ جا لفظ = Parts of Speech

صرف مان لفظن جي قسمن ۽ انهنجي صورت ۾ جيڪا ڦير گهير ٿئي ٿي تنهن بابت خبر پوي ٿي.

سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ اٺن قسمن جا *شبد يا ڳالهائڻ جا لفظ آهن: (١) اسم (٢) ضمير (٣) صفت (۴) فعل (٥) ظرف (٦) حرف جر (٧) حرف جملو (٨) حرف ندا.

## اِسم = Noun

**اِسم** (= نالو) ڪنهن ماڻهوءَ يا ٻئي جاندار(ساهواري) يا بيجان شيءِ يا ڪم يا حالت يا خاصيت جي نالي کي چئجي ٿو؛ جئن تہ، رام، ڪراچي، ڪتاب، نيچاج، جواني، سچائي.

**اِسم جا قسم:-**

**(١) اِسم خاص** = Proper Noun ڪنهن ماڻهوءَ

---

* شبد = اکر جو ميڙ جنهنمان ڪو ارٿ نڪري.

**اعرابون** يا **لاڪنائون** يا **ماترائون** Short

Primitive Vowels or ٿي آهن؛ زبر ـَ؛ زير ـِ؛ پيش ـُ؛

جيئن ته، سَرَ، سِرُ، سُرُ.

**اکر ويچار جون نشانيون** = Orthographical Signs

(١) جڏهن اکر ٻٽو هوندو آهي ته اکر ٻه ڀيرا لکڻ

بدران هڪ ئي دفعو لکي مٿان ـّ **تشديد** (Corroboration

زور و ثائڻ) جي نشاني ڏني آهي؛ مثلاً، سيّد = سييد.

(٢) لفظ جي شروعات ۾ ٻه الف لکڻ بدران هڪ

الف مٿان ~ **مد** (Extension وڌاءُ) رکبو آهي؛ مثلاً،

آفرين = اافرين.

(٣) جيڪڏهن ڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ جو اکر

الف هجي ۽ انهيءَ جي مٿان ٻٽي زبر ـً **تنوين**

Nunation رکبي ته انهيءَ جو اُچار ”ن“ نڪرندو؛ جيئن

ته، مثلاً (مثلن)؛ خصوصاً (خصوصن).

(٤) حرف صحيح جي مٿان يا هيٺان جيڪڏهن

اعرابون نه هونديون ته اُن جي مٿان ـْ **سُڪون** يا **جزم**

Cutting or fixing or rest جي نشاني رکبي آهي؛ جيئن

ته، نرْم، رنْج، دشْمن.

(٥) الف: همزه (ء) معنيٰ داب: جيڪڏهن ٻه

”ي“ گڏ اچن ته پهرئين جي مٿان ـٔ همزه رکجي؛

جيئن ته، آئيندهه.

ب: جڏهن لفظ جي پهرئين پد جو پڇاڙيءَ جو اکر

حرف علت آهي ۽ ٻيو پد حرف علت سان شروع ٿئي

ٽورائي ڏيکاري ٿو. اسمن کي ’ڙي، ڙ، اوٽ، ڙو، آٽي، ڙو‘ گڏڻ سان اسم تصغير ٿيندو آهي؛ مثلاً”، باغيچو، ڇوڪراٽ، ٻيڙوٽ، سوڙو، هٽڙو.

**سوال**

هيٺين جي وصف لکو ۽ اُن لاءِ مثال ڏيو:-

اسم ذات.

# باب ٽيون

## Pronoun = ضمير

**ضمير** = دل.

”ڪشتي ڇيو ته آءُ ويندس“ جيڪڏهن آءُ لفظ ڪم نه آڻيو نه ڇئبو ته ”ڪشتي ڇيو ته ڪشتو ويندو“ هتي آءُ لفظ ضمير آهي، اسم (ڪشتي) بدران ڪم آيو آهي جو ٻيو دفعو نٿو چئجي، پر ضمير يعني دل ۾ رکجي ٿو.

**ضمير** ڪنهن جاندار يا بيجان اِسم جي بدران ڪم اچي ٿو، جئن ته، مان، اسين، تون، توهين، هو، اُهي، هيءَ، هوُ، پاڻ، ڪير، ڪهڙو، ڇا، ڪهاڙو، جو، سو، جنهن، تنهن، ڪنهن، ڪي، ڪجھ، ڪو.

**ضميرن جا قسم:-**

**(ا) ضمير خالص** (خالص = صاف يا نج)

Personal Pronouns خاص يا نجيع طرح فقط اِنسان جي بدران ڪم ايندو آهي. ضمير خالص ٽي آهن:

## ضميري پڇاڙين جو نقشو

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم First Person | م | هون - اون - اون |
| حاضر Second Person | ء (اي)، ءِ، ئين | و |
| غائب Third Person | س | ن |

(٢) **ضمير اِشارو** Demonstrative Pronoun جو ڪنهن اسم ڏانهن اِشارو ڪري. اِهو ٻن قسمن جو آهي (١) **ضمير اِشارو ويجهو** (اشار = هن اشارو ڪيو) جو ڪنهن ويجهي ماڻهوءَ يا شيءِ ڏانهن اِشارو ڪري. مثلاً، هيءَ، هيءُ، ايءَ. (٢) **ضمير اِشارو ڏُور** (ڏُور = پري) جو ڪنهن ڏورانهين ماڻهوءَ يا شيء ڏانهن اِشارو ڪري مثلاً، هوءُ، اوءُ.

(٣) **ضمير مشترڪ** ( = شريڪ ٿيندڙ) اُهو آهي جو جملي ۾ فاعل سان شريڪ ٿي اُن جي بدران (مفعول ٿي) ڪم اچي، يا جو ضمير خالص کي زور ونائڻ لاءِ ڪم اچي؛ جئن ته پاڻ يا خود، پنهن، پنڊ.

(٤) **ضمير اِستفهام** (فهم = هن سمجهيو) اُهو ضمير جو (سوالن پڇڻ سان) جاڻڻ Interrogative Pronoun

١. **ضمير متڪلّم** First Personal Pronoun (ڪلم = هڻ ڳالهايو؛ متڪلّم = ڳالهائيندڙ) جو ڪلام ڪندڙ يا ڳالهه ڪندڙ جي بدران ڪم اچي؛ مثلاً، مان، اسين.

٢. **ضمير حاضر** Second Personal Pronoun اهو ماڻهو، جنهن سان روبرو ڳالهائجي، تنهنجي بدران ڪم اچي؛ مثلاً، تون، توهين.

٣. **ضمير غائب** (غيب = هو غير حاضر هو؛ غائب = غير حاضر) Third Personal Pronoun ماڻهو جنهن بابت ڳالهه ڪجي تنهنجي بدران ڪم اچي؛ مثلاً، هُو، اهي.

**نوٽ**:- ضمير خاص ٻن قسمن جا آهن: (١) **ضمير منفصل** (فصل = هڻ جدا ڪيو) يا اڻ ڳنڍيل ضمير Disjunctive Personal Pronoun جيئن تہ، مان، تون ۽ هُو. (٢) **ضمير مُتّصل** (وصل = هڻ ڳنڍ ڪيو) يا ڳنڍيل ضمير Conjunctive Personal Pronoun ضمير متصل اهي آهن جي ڪنهن اسم، فعل يا حرف جر جي پٺيان ضميري پڇاڙيون Pronominal Suffixes وانگر ڪم اچن؛ مثلاً، پيئم = منهنجو پيءُ. پيڻهي = تنهنجو پيءُ؛ پيئو = توهانجو پيءُ؛ پيڻس - پيئس = هنجو پيءُ؛ پيئن = هنن جو پيءُ (اسم) آندم = مون آندو. (فعل) وٽس = هن وٽ. (حرف جر) جڏهن اهي فعلن سان ڳنڍ اچن ٿيون تڏهن ڪٿي فاعل ڪٿي مفعول جي معنيٰ ڏيکارين ٿيون.

’منهنجي پاڻرن مونکي ڏاپو سمجهايو پر مون هننکي ڪو نہ ڏٺو‘

٣. ضمير، ضمير مبهم ڇنڇ طرح ٻڌايو نہ انهن کي اهي ناالا ڇو پيا ؟

# باب چوٿون

## ٣. صفت = Adjective

صفت (= گڻ، خاصيت) اُهو لفظ آهي جو ڪنهن اسم يا ضمير سان لاڳو ٿي هنجي خاصيت (خاص ڳالهہ، قسم يا انداز ڏيکاري ٿو، مثلاً"، **مٺو** انب (خاصيت) **سنڌي** انب (قسم)، **وڏيل** انب (درجو يا حالت) **پنج** انب **اڌ** انب (عدد).

**صفت جا قسم:-**

**(١) صفت وصفي** = Qualitative Adjective.

اُهو لفظ جو اسم يا ضمير جو وصف يا بيان **ڪري**، جيئن تہ، هن **وڏو مٺو قنڌاري** ڏاڙهون کاڌو.

**(٢) صفت عددي**=

Quantitative or Numeral Adjective

عدد يا انداز ڏيکاري ٿي. جيئن تہ، ٻہ صرف، **پهريون** صوف، **اڌ** صرف، **چوٿون** صوف، **سوا** صرف.

هڪ، ٻہ، ٽي، چار، ۽ ٻيا انگ جي ماڻهن ۽ شين جي شمار ڪرڻ يا ڳڻڻ لاءِ ڪم اچن ٿا تنکي **عدد شماري** Cardinal Numeral چوندا آهن.

يا سمجھڻ يا ڀڃا ڪرڻ ۾ ڪم اچي. مثلاً، ڪير، ڪهڙو، ڇا، ڪيڏو، ڪيهي (= ڪهڙي) ڪوه (= ڇا)

**(٥) ضمير موصول** (وصل = هڪ ڳنڍيل؛ موصول = ڳنڍيل پيل) Relative Pronoun اسم جي بدران ڪم اچي ٿو ۽ ٻئي جملي کي ڳنڍي ٿو؛ مثلاً، جو، جي، جنهن، جن.

**(٦) ضمير جواب موصول** Correlative Pronoun

ضمير موصول جي جواب ۾ ڪم اچي ٿو؛ جيئن ته، سو، تنهن، تن.

**(٧) ضمير مبهم** (= ڳجھو يا جنهن جي خبر نه پوي) Indefinite Pronoun اهو ضمير جنهن مان خبر نه پوي ته ڪهڙي اسم جي بدران ڪم آيو آهي. مثلاً، ڪو، ڪا، ڪنهن، ڪي، ڪجھ، ڪجھ.

**نوٽ:-** جيڪو ڪو، جنهن ڪنهن، جو جو، **مرڪب ضمير مبهم**=Compound Indefinite Pronouns آهن. جيئن ته **جيڪو** هڪ ڪندو سو ڪرندو.

**(٨) ضمير اضافت** Possessive Pronoun اهو ضمير جو مالڪي ڏيکاري؛ جيئن ته، منهنجو، تنهنجو، هنجو.

## سوال

١. هيٺين جا مثال ڏيو:-

(١) ضمير استفهام (٢) ضمير مبهم (٣) ضمير مشترڪ (٤) ضمير موصول.

٢. هيٺيون جملو ضميري ڀاڱن سان لکي ڏيکاريو، جيئن معنيٰ ساڳي رهي:-

## پاڱو ڏيکاريندڙ عدد:-

پاءُ، چوٿ، چوٿائي، چوٿون، ٽهائي (= ٽين ڀاڱي)، اڌ، منو، سوائي، ساڍو، ڏيڍ، اڍائي.

(١) هن کي **اڌ** صوف ڏي.

(٢) هن کي صوف جو **اڌ** ڏي.

پهرئين جملي ۾ "اڌ" صفت جو ڪم ڪري ٿو. ۽ ٻئي جملي ۾ "اڌ" اسم جو ڪم ڪري ٿو. اهڙا لفظ جن مان انداز يا پاڱي جي معنيٰ نڪري سي ڪڏهن اسم جو ڪم ڪن ٿا، ڪڏهن صفت جو. جڏهن اهي اسم جو ڪم ڪن تڏهن انهن کي **اسم عدد** چئجي، جڏهن اهي صفت جو ڪم ڪن تڏهن انهن کي **عدد صفاتي** چئجي.

**عدد مبهم:-** غير مقرر انگ جهڙوڪ "سڀ، سمورو، مڙيوئي" عدد يا انداز ٿا ڄاڻائين ۽ مبهم يا مجمل طرح ڪم اچن تن کي **عدد مبهم** چئبو آهي.

**عدد تقسيمي:-** جيڪي لفظ تقسيم يا ورڇ جي معنيٰ ڏيکارين، جهڙوڪ **هرهڪ** ماڻهو، **ٽي ٽي** ڇوڪريون **ست ست** زالون، **ايڪڙ ٻيڪڙ** ماڻهو، تن کي **عدد تقسيمي** چئبو آهي.

(٣) لفظ، جو ضمير جي صورت ۾ ٿي، صفت جو ڪم ڪري تنهن کي **ضميري صفت** Pronominal Adjective چئبو آهي؛ جيئن ته، (١) **ڪو** ويو (٢) **ڪو** ماڻهو ويو. پهرئين جملي ۾ "ڪو" ضمير آهي. ٻئي جملي ۾ "ڪو"

پهريون، ٻيو، ٽيون، چوٿون، پنجون ۽ ٻيا انگن جي ڏيکارين ٿا ته ماڻهو يا شيءِ قطار ۾ ڪهڙو نمبر آهي تنهڪري عدد قطاري Ordinal Numeral چوندا آهن.

**انگن جا نالا ڏيکاريندڙ عدد:-**

ايڪو، ٻڪو، ٽڪو، چؤڪو وغيره.

**ڀيرا ڏيکاريندڙ عدد:-**

هيڪوڻو، هيڪوندو، هيڪوٽو، ٻيڻو، ٻٽو، ٽيڻو، چؤڻو، اوڻو وغيره.

**دفعو ڏيکاريندڙ عدد:-**

هيڪر - هيڪار (= هيڪ وار) ٻهر - ٻهار (= ٻه وار) ٽهر - ٽهار (= ٽي وار.) انهن انگن ۾ دفعو، گهمرو، ڀيرو، وارو، لڳو لفظ به گڏبا آهن، جيئن ته، پهريون دفعو، ٻيو گهمرو، ٽيون ڀيرو، چوٿون وارو، پنجون لڳو وغيره.

**ميڙ ڏيکاريندڙ عدد:-**

ڏهاڪو، ويهارو، ٽيهارو، وغيره.

تخميني ڪرڻ لاءِ "کن" لفظ به گڏبو آهي.

ايڪم، ٻيج، ٽيج وغيره تٿين جا نالا آهن.

ايڪو، ڏُوُو، تيڙو؛ ٻڪ، ٽڪ، چؤڪ راندين ۾ ڪم اچنتا. جوڙو يا جوڙي؛ ٻيلهه يا ٻيلهڙ (= ٻه چٺا گڏ)؛ ٻهرو (= ٻه ڏلا گڏ)؛ ٽيلهڙ؛ چولڙهه؛ ڊزن يا ڊرجن؛ ڪوڙي (= ويهه)؛ ٻنيهو؛ چاليهو؛ صدي؛ سيڪڙو. ته پاڻيون سؤ (= ته پاڻيون يا ٽي پائليون يا ٻارهن آنا سؤ تي وياج)؛ ڏيڍ وتري منني (= ڏيڍ سيڪڙو وياج).

ڪجهه ٻڌائي. فعل مان ڪم ڪرڻ، سهڻ يا ڪنهن حالت ۾ هئڻ جي معنيٰ نڪري ٿي. گوپال مانيءَ **کاڌي**. "کاڌي" لفظ جي وسيلي گوپال جي ڳالهه ڪجي ٿي ته هن کائڻ جو ڪم ڪيو، تنهنڪري "کاڌي" ٿيو فعل.

**فعلن جا قسم:—** *

**(ا) فعل لازمي** (= لڳل) Intransitive Verb اهو ڪم يا حالت جنهن جو لاڳاپو فقط فاعل (ڪم ڪندڙ) سان ٿئي. هن فعل کي رڳو فاعل آهي ۽ مفعول ڪونهي؛ مثلاً، هو باغ ۾ **ويو**.

**نوٽ:-** "رام هوشيار آهي." هن جملي مان جيڪڏهن هوشيار اکر ڪڍي ڇڏبو ته جملي مان پوري خبر نه پوندي تنهنڪري "هوشيار" لفظ "آهي" فعل کي پورائو ٿو ڪري ۽ انهيءَ ڪري **فعل لازمي اڻپورو** سڏجي ٿو.

**فعل لازميءَ جون صورتون:-**

(الف) **فعل لازمي معروف** اهو فعل آهي جنهن ۾ فاعل معروف يعني پڌرو هجي؛ مثلاً، گوپال نديءَ ۾ **تريو**.

(ب) **فعل لازمي مجهول** اهو فعل آهي جنهنکي ڪو به فاعل نه هجي؛ مثلاً،

(١) نديءَ ۾ **ترجي ٿو**. (٢) نديءَ ۾ **تربو آهي**.

---

* سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي به فعل ڪم اچن ٿا سي يا لازمي يا متعدي آهن تنهنڪري انهيءَ به هڪيم **فعل** آهن؛ انهنکي **بنيادي فعل** به چئبو آهي.

ضميري صفت آهي. هـو پنهنجي گهر ويو. هتي "پنهنجي" ضميري صفت آهي.

جڏهن "هيءُ"، "هو" لفظ اسم جي اڳيان اچن ڪنهن اسم ڏانهن اشارو ڪن، تڏهن انهن کي **صفت اشارو** Demonstrative Adjective چئبو آهي؛ جئن ته، هيءُ گهوڙو. هوُ سوار.

**صفت جي ڀيٽ جا درجا** = Degrees of Comparison

صفت جا ٽي درجا آهن (١) **صفت خالص** (= اڪيلي) Positive Degree جنهن ۾ ڀيٽ نه ٿي ڪجي؛ مثلاً، انب مٺو آهي (٢) **صفت تفضيل** (افضل = هو سرس ٿيو) Comparative Degree جنهن ۾ هڪ جي ٻئي يا ٻين سان ڀيٽ ٿيل هجي؛ جئن ته، انب صوف کان **مٺو آهي** (٣) **صفت مبالغو** (بلغ = هـو زياده يـا وڌو هو) Superlative Degree جنهن ۾ هڪ جي خاصيت کي ٻين سڀني ساڳي جنس يا قسم وارن جي خاصيت سان ڀيٽجي ٿو؛ مثلاً، هي انب سڀني انبن کان **مٺو** آهي.

## سوال

(١) هيٺين جي (مثالن سميت) سمجهاڻي ڏيو:-

١- ضميري صفت. ٢- صفت مبالغو

# باب پنجون.

## Verb = فعل

فعل (= ڪم) اهو لفظ آهي جو ماڻهن يا شين بابت

(الف) **فعل متعدي معروف** (عرف = ڄاڻڻ؛ معروف = ڄاتل) Active اهو فعل آهي جو فاعل جي ڳالهه ڪري ٿو ته فاعل ڪو ڪم ڪري ٿو ۽ سندس فاعل ڄاتل هوندو آهي يا پڌرو بيٺو هوندو آهي، مثلاً، گوپال رام ڏانهن خط **لکيو**.

(ب) **فعل متعدي مجهول** (جهل = اڻڄاڻائي؛ مجهول = اڻڄاتل) Passive اهو فعل آهي جنهنجو فاعل ڪو نه ڄاتل هوندو آهي، مفعول قوي فاعل ٿئي ٿو، ۽ فعل مفعول بابت ڪجهه ڄاڻائي ٿو ته مفعول تي ڪو ڪم ٿئي ٿو. مثلاً، رام ڏانهن خط **لکيو ويو**.

(ت) **فعل متعدي بالواسطه** (= ب+ال+واسطه = وچ وارو ۽ بالواسطه = وچ واري ڪان يا وچ واري لاءِ) Causal Verb اهو فعل آهي جو ڄاڻائي ٿو ته فاعل پاڻ ڪم نٿو ڪري پر ٻئي جي معرفت ٿو ڪرائي؛ جيئن ته، گوپال رام کي خط **لکارايو**.

* (Gopal made Rama write a letter)

**نوٽ:-** فعل متعدي بالواسطه جون ٻه صورتون آهن:

(الف) **فعل متعدي بالواسطه معروف**، جيئن ته، گوپال رام کي خط لکارايو (ب) **فعل متعدي بالواسطه مجهول**؛ جيئن ته، رام ڏانهن خط **لکارايو ويو**.

گوپال رام کي خط لکاوارايو. (يعني ٻئي جي معرفت

---

* Make him run = هنکي ڊوڙاءِ

Make him sit = هنکي وهار

هن فعل (”ٺري ٿو“ يا ”ٺريو آهي“) کي فاعل ڪونهي تنهنڪري اِنهيءَ کي **فعل اڪرترڪ** (اَ = نه؛ ڪرترَ يا ڪرتا = فاعل؛ ڪم ڪندڙ) يا **فعل بيفاعل** Impersonal Verb (فاعل کانسواءِ) به سڏبو آهي.

”هئڻ“ ۽ ”ٿيڻ“ فعل لازمي آهن. ”هئڻ“ مان ”آهي“ ۽ ”هو“ ”آهن“ ”هئا“ فعل ٺهن ٿا ۽ ”ٿيڻ“ مان ”ٿي“، ”ٿو“، ”ٿيو“ ”ٿين“ ٺهن ٿا. اهي فعل بعضي پاڻمرادو ڪم اچن ٿا، بعضي ٻين فعلن سان گڏ ڪم اچن ٿا جڏهن اهڙا فعل لازمي فعلن جي زمانن جوڙڻ ۾ مدد ڪن ٿا ته اُنهنکي **فعل معاون** (عون = هن مدد ڪئي؛ معاون = مددگار) Auxiliary Verbs چئجن ٿا؛ جئن ته، ڇوڪرا پڙهندا ڪن ٿا، مزمان آيا **آهن**، گوپال ماني کاڌي **هئي**.

(۲) **فعل متعدي** (= ٻئي تائين لنگهي ويندڙ) Transitive Verb اُهو ڪم جو فاعل ڪري ٿو ۽ جنهنجو اثر فاعل کان لنگهي ٻي ڪنهن شيءِ تائين پهچي ٿو. هن فعل کي فاعل توڙي مفعول ٻئي آهن؛ مثلاً، لوهيءَ ديگڙو ٺوڪيءَ کي ڏنو.

**نوٽ**:- ڪن جملن ۾ مفعول ڳجهو ٿيندو آهي. مثلاً ڇوڪر لکي ٿو. هتي ”خط“ يا ”ڪاپي“ ڳجهو آهي.

**فعل متعديءَ جون صورتون** (Voices):-

فعل جيڪا ڳالهه فاعل يا مفعول بابت ڄاڻائي ٿو سا خبر فعل جي صورت Voice مان پوي ٿي.

سان امر واحد ٺهي ٿو ۽ اهو ڌاتو آهي؛ جيئن تہ، لکڻ - لک؛ پڙهڻ - پڙهہ.

فعل جي ڌاتوءَ يا بنياد پٺيان ”اَڻ“ يا ”اِڻ“ ڀيڙي گڏڻ سان **اسم مصدر** ٺهي ٿو؛ جيئن تہ، وڃڻ = وڃ + اَڻ. مجهول فعلن ٺاهڻ لاءِ ”جڻ“ ڀيڙي گڏبي آهي.

# باب ستون

## Mood = صيغو

**صيغو** = نمونو، ڍنگ يا ڍول. صيغي مان خبر پوي ٿي تہ فعل ڪهڙي نموني بيان ڪري ٿو.

**صيغي جا قسم:-**

**١. صيغو بياني**: فعل انهن ڳالهين (رواجن، عادتن، هنرن ۽ ٻين حقيقتن) جو ذڪر ڪري ٿو جي سچيون سمجهي ظاهر ڪجن ٿيون ۽ حقيقتن بابت سوال پڇجن ٿا، مثلاً:

هندو ڪنهن عزيز جي مرڻ تي مٿو ڪوڙائيندا آهن. (رواج)
آءٌ صبح جو سوير اٿندو آهيان. (نيم يا عادت)
ڪپہ مان ڪپڙو ٺاهين ٿا. (هنر)
تنهنجو ڪتاب ڪٿي آهي؟ (حقيقت بابت سوال)
قرض ڪڍڻ کان لنگهڻ ڪيڻ چڱو آهي. (نيڪ خيال)

**٢. صيغو شرطي**: (١) ٻوٽن جملو ٻهرئين جملي تي مدار رکي ٿو. (٢) شرط وجهي ڳالهہ ڪجي ٿي. (٣)

ڪنهن ٻئي کي لڳارايو) هـن فعل کـي ٻٽو بالواسطہ Double Causal چون ٿا.

## سوال

١. هيٺين فعلن جي (مثالن سميت) سمجهاڻي ڏيو:- فعل اڪرتـرڪ - فعل معاون - فـعل متعدي مجهول - فعل مجهول.

٢. اڪرترڪ فعل - فعل متعدي بالواسطہ ڇئيءَ طرح ٺڌايو ۽ انهن تي اِهي نالا ڇو پيا؟

# باب ڇهون

## فعلن جو ڌاتوُ يا بنياد

## Infinitive = مصدر

**مصدر**= صادر ٿيڻ يا نڪرڻ؛ جنهن مان ٻيا لفظ نڪرن. فعل جي سادي صورت، جا ڪو ڪم يا حالت ڏيکاري، تنهنکي **اسم مصدر** چئجي؛ جئن تہ اچڻ، وڃڻ، ڊوڙڻ.

## Root or Verbal Root = ڌاتوُ يا بنياد

فارسي ۽ عربي ٻولين جا لفظ مصدر مـان ٺهن ٿا انهيءَ ڪري ان تي اِهو نالو رکيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ فعلن جو بنياد مصدر نہ آهي پر امر واحد آهي. انهي ڪري مصدر کي ڌاتوُ يا بنياد ليکڻ غلط آهي.

مصدر جي پڇاڙيءَ وارو "ڻ" اکر ڪڍي ڇڏڻ

(may he go!) سڏ جي ٿو؛ جئن تہ شل هو وڃي! Optative آباد رهہ!.

(۵) هيءَ ڪاغذ صحيح ڪبج. اهو عزت يا نياز جو ڳالهائڻ آهي، تنهنڪري ” ڪبج “ ۽ اهڙن ٻين لفظن کي **آمر نيازي** Precative چئبو آهي. اُنهيءَ مان پلائي ڪري ڪبج يا يادگيري ڪري ڪبج جي معنيٰ نڪري ٿي.

(۶) ڪنهن امر جي اڳيان ناڪاري لفظ جهڙوڪ ”نہ“ يا ” مَ “ وجهبو تہ **آمر نهي يا نفي** Prohibitive Imperative ٿي پوندو؛ جئن تہ مرچڻ، مَ ڪر، مَ ڇڏ، نہ وڃ، نہ کاءُ (do not eat) [ مَ = نہ ]

(۷) جيڪڏهن ڪنهنکي چئجي تہ ڪو ڪم پيو ڪر تہ اُنکي **آمر مداومي** Continuative Imperative چئبو؛ جئن تہ پيو کاءُ (go on eating)

(۸) جڏهن امر ضمير غائب ۾ اچي تڏهين اُنکي **آمر غائب** Imperative in the third person. چئبو؛ جئن تہ پل هو وڃي = (let him go)

## سوال

هيٺين جي وصف لکو ۽ اُن لاءِ مثال ڏيو:-

۱- صيغو شرطي. ۲- اَمر نيازي.

شڪ يا امولي ڳالهه ڪجي ٿي. (۴) ڪي ڳالهيون فرض ڪجن ٿيون؛ مثلاً.

محنت ڪري ها، امتحان ۾ پاس ٿين ها. (شرط)

۳. **صيغو امڪاني** امڪان يا شڪ ظاهر ڪري ٿو؛ جيئن ته، مان وقتي سياڻي ڪراچيءَ وڃان.

۴. **صيغو تمنا** دل جي خواهش ظاهر ڪري ٿو مثلاً، شل ڏاڏي ٿوکي وڏي حياتي ڏي جو سهڻ ماڻيون

۵. **صيغو امر يا** Imperative Mood

**امر** = حڪم. فعل جي صورت، جنهن جي وسيلي حڪم، نيزاري، صلاح يا آسيس ڪري سگهجي، تنهن کي **صيغہ امر** يا رڳو **امر** چئجي؛ جيئن ته، پڙهه.

**امر جا قسم:-**

**(۱)** امر جڏهن ضمير حاضر ۾ اچي تو تڏهن انهيءَ کي **امر حاضر** Simple Imperative چون ٿا؛ جيئن ته، کاءُ (eat).

(۲) جنهن امر مان هلندڙ وقت جي معني نڪري تنهنکي **امرحال** چون ٿا؛ مثلاً، وڃ = (go)؛ کاءُ = (eat)

(۳) جنهن امر مان ايندڙ وقت جي معني نڪري تنهنکي **امر استقبال** يا **امر ديرينو** چوندا آهن؛ مثلاً، وڃج، کائج.

(۴) جنهن امر مان تمنا يا خواهش جي معني نڪري تنهنکي **امر تمنا يا دعا** or Desiderative

اسم مفعول امر واحد يا فعل جي بنياد پٺيان ”او“ ”يو“، ”ايو“ يا ”ال“ يا ”يل“ ٻڌاڙي گڏڻ سان ٿهي ٿو. پر ڪي فعل بيقاعدي آهن؛ جهڙوڪ ته، ڏس - ڏٺو يا ڏٺل؛ ڪاڙ - ڪاڙو يا ڪاڙل.

جن فعلن جو اسم مفعول قاعدي موجب جڙي ٿو تن کي **فعل باقاعدي** چئبو آهي؛ جهڙوڪ ته، ٺاهڻ - ٺاهيو؛ ملڻ - مليو.

جن فعلن جو اسم مفعول سڌيءَ طرح نٿو جڙي تن کي **فعل بيقاعدي** چئبو آهي؛ جهڙوڪ ته، اچڻ - آيو؛ وڃڻ - ويو.

**٣. اسم استقبال يا ڀوشيہ ڪردنت**

(ڀوش=ايندڙ وقت؛ استقبال=ڀوشيہ=ايندڙ وقت ۾ ٿيندڙ) Future Passive Participle or Gerundive اُهي لفظ جي فعل جي بنياد مان نڪتل هجن؛ صفت ٿرڙي اسم جو ڪم ڏين؛ ڏيکارين ته ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي؛ مثلاً، گوپال بمبئي **وڃڻو** آهي. ”وڃڻو“ ”وڃڻا“ ”وڃڻي“ اهي لفظ اسم استقبال آهن.

اسم استقبال فعل جي بنياد پٺيان ”اڻو“ يا ”اِڻو“ ٻڌاڙي گڏڻ سان ٿهندو آهي.

**٤. ماضي معطوفي يا پورڻ ڪردنت** (عطف = ڳنڍڻ؛ معطوفي=ڳنڍيندڙ.) Conjunctive Participle اُهي فعل جون صورتون آهن جي ٻن جملن کي ڳنڍي هڪ ڪن؛ فاعل سان لاڳو ٿي ڏيکارين ته فاعل هڪ ڪم

# باب اٺون

## اسم مشتق يا ڪردنت

**اسم مشتق** (شق = چيرڻ) اُهي لفظ آهن جي فعل جي بنياد مان چيرَ جي نڪرن ٿا يا نهن ٿا. انهن کي سنسڪرت ۾ **ڪردنت** ۽ انگريزيءَ ۾ Participle چوندا آهن. اهي لفظ فعل جون صورتون آهن ۽ اسم يا صفت جو ڪم ڪن ٿيون.

**١. اسم حاليه يا ورتمان ڪردنت** (حاليه = جاري رکندڙ؛ ورتمان = چالو يا هلندڙ وقت ۾ ٿيندڙ) Present Participle اُهي لفظ آهن جي فعلن جي بنياد مان جڙيل هجن ۽ اسم سان لاڳو ٿي ڏيکارين ٿا ته اهو ماڻهو ڪو ڪم ڪندو پئي ڪم کي لڳو آهي؛ مثلاً، ڪشنو رستي تان **پڙهندو** شڪول ۾ ويو. "پڙهندو" اسم حاليه آهي. فعل جي بنياد يا امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ "يندو" يا "ندو" گڏڻ سان اسم حاليه ٺهندو آهي. ڪي لفظ بيقاعدي آهن؛ جئن ته، ڪر- ڪندو؛ وڃ- ويندو؛ اچ- ايندو.

**٢. اسم مفعول يا ڀوت ڪردنت** (مفعول = جنهن تي ڪم جو اثر پورو ٿيو هجي؛ ڀوُ = ٿيڻ؛ ڀوت = ٿيو يا ٿيل (ٿي گذريل) Past Participle اُهي لفظ آهن جي اسم سان لاڳو ٿي ڏيکارين ٿا ته اسم تي فعل وارو ڪم پورو ٿي چڪو آهي؛ مثلاً ڪاٽيءَ **ڪٽو** يا **ڪٽل**. "ڪٽو" يا "ڪٽل" اسم مفعول آهن.

### سوال

١- اسم فاعل ڪيئن ٿو ٺهي؟ اسم حاليه ۽ اسم فاعل ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟

٢- هيٺين جي وصف لکو ۽ مثال ڏيو:-
اسم حاليه - ماضي معطوفي.

---

# باب ڏهون.

## مرڪب فعل = Compound Verb

مصدر، اسم حاليه، اسم استقبال، ماضي معطوفي جي، پٺيان ٻيو ڪو فعل "لڳڻ"، 'سگهڻ'، 'جاڻڻ'، 'ڏيڻ'، 'رهڻ'، 'پوڻ'، 'وجهڻ'، 'ڇڏڻ'، 'وٺڻ'، 'وڃڻ'، 'ٿيڻ'، گذرڻ"، وغيره اچڻ سان فعل مرڪب ٺهن ٿا. اِهي فعل گڏ جي هڪ ٿين ٿا تنهنڪري اُنهنکي **مرڪب** (= گڏيل) چئجي ٿو؛ مثلاً"،

(١) ڪشنو لکڻ **لڳو** (فعل مرڪب متعدي).

(٢) ڪشنو ٻوڙي **سگهندو** (فعل مرڪب لازمي).

### سوال

هيٺين جي وصف لکو ۽ اُن لاءِ مثال ڏيو:-
مرڪب فعل.

# باب ٻارهون.

## ظرف = Adverb

ظرف = ٿانءُ يا ٻاسڻ. جهڙيءَ طرح ڪنهن ۾ ٻاسڻ

پورو ڪري پوءِ ٻئي ڪم کي لڳي ٿو. مثلاً ڏاڏاڻ مائي ڪائي، ڪپڙا **ڪري**، ڳاڏيءَ ۾ چڙهيو. ”ڪائي“، ”ڪري“ ماضي معطوفي آهن.

# باب نائون.

## ڪارڪ يا اسم فاعل = Noun of Agency

ڪارڪ = فاعل = ڪندڙ. اسم فاعل ڪڏهن اسم جو ڪم ڪري ٿو ڪڏهن صفت جو. مثلاً، (١) مهاڻ درياهه جي پار **رهندڙ** هو. هتي ”رهندڙ“ اسم فاعل آهي پر اسم جو ڪم ڪري ٿو.

(٢) سڙهي **وهندڙ** درياءَ تري، پار ويندي هئي. هتي ”وهندڙ“ اسم فاعل آهي پر صفت جو ڪم ڪري ٿو.

**اسم فاعل ٺاهڻ جا قاعدا:-**

(١) امر کي ”يندڙ“ يا ”ندڙ“ پڇاڙيون ڳنڍڻ سان؛ جيئن ته، هلندڙ.

(٢) مصدر کي ”هار“، ”هارو“ يا ”وارو“ پڇاڙيون ڳنڍڻ سان؛ جيئن ته، اپائڻهار، هلڻ هارو يا هلڻ هار، وڃڻ وارو.

(٣) اسم کي ”ار“، ”بان“، ”گر“، ”ڪار“، ”وان“، ”گار“، ”چي“ پڇاڙيون ڳنڍڻ سان؛ مثلاً، ڏاتار، ڪرتار؛ نگهبان، دربان؛ جادوگر؛ ملاح ڪار؛ پهلوان، آگياوان؛ گنهگار، خدمتگار؛ خزانچي.

٣. **ظرف نفي** Negative Adverb مان انڪاري معنيٰ نڪري ٿي؛ مثلاً، نہ، ڪين، مَ.

٣. **ظرف استفهام** Interrogative Adverb مان سوال پڇڻ جي معنيٰ نڪري ٿي؛ مثلاً، ڇو، ڪٿي، ڪڏهن، ڪٿي.

## باب ٻارهون.

### حرف جر = Preposition

حرف جر اهو لفظ آهي جو اسم يا ضمير جي پٺيان اچي ۽ انجو لاڳاپو ٻين لفظن سان ڏيکاري. جيئن تہ گوپال شڪول ۾ ويو. "شڪول" جي پٺيان "۾" وٺڻ وارو اٿئون تہ خبر پوي ٿي تہ "شڪول" جو "گوپال" ۽ "ويو" سان ڪهڙو لاڳاپو آهي.

## باب ٽيرهون.

### ٧. حرف جملو = Conjunction

حرف جملو (حرف = اکر) = ڳنڍيندڙ اکر. اهو لفظ جو ٻن لفظن، جملن يا جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍي ٿو؛ مثلاً، ۽، يا، پر، تہ، جيڪڏهن، اگرچہ.

## باب چوڏهون.

### ٨. حرف ندا (سڏ يا دانهن) Interjection

اهو لفظ جو سڏ ڪرڻ يا دل جي ڪنهن حالت

۽ ڪائڻ، پيئڻ جو ڪم ٿئي ٿو تهڙيطرح ظرف به ڄڻ ٻاسڻ آهي جنهن ۾ فعل وارو ڪم ٿئي ٿو.

ظرف اهو لفظ آهي جنهن مان وقت، جاء، ريت قدر، انداز ۽ ناڪار جي معنيٰ نڪري ٿي. اهو فعل صفت يا ٻئي ظرف سان لڳي ٿو ۽ ان بابت ڪجهه حقيقت ٻڌائي ٿو. مثلاً، اڄ (وقت)، ٻاهر (جاء) تڪڙو (ريت) گهڻو (قدر)، ڪين (ناڪار).

**ظرفن جا قسم:-**

١. **ظرف زمان** Adverb of Time مان وقت جي معنيٰ نڪري ٿي؛ مثلاً، اڄ، ڪالهه، سڀاڻي، هاڻي، جڏهن، ڪڏهن.

٢. **ظرف مڪان** Adverb of Place مان جاء يا جڳهه جي معنيٰ نڪري ٿي؛ مثلاً، جتي، ڪٿي؛ هِتي، هتي؛ هيٺ، مٿي.

٣. **ظرف تميز** (تميز = ريت يا دستور) ريت، دستور، قدر يا انداز ڄاڻائي ٿو؛ مثلاً، آهستي، جئن، ڪئن، گهڻو، ٿورو، ڪين.

**تميز جا قسم:-**

١. **ظرف سيرت** Adverb of Quality مان ريت جي معنيٰ نڪري ٿي؛ مثلاً، ڏ[illegible]را نہ بهادريءَ سان.

٢. **ظرف مقدار** Adverb of Quantity مان قدر يا انداز جي معنيٰ نڪري ٿي؛ مثلاً، گهڻو، ٿورو؛ ڪافي؛ تمام، بلڪل.

# باب سورهون.

## Numbers = عدد

جاندار توڙي بيجان شين جا ٻه عدد آهن: (۱) عدد واحد (۲) عدد جمع. هڪ کي **واحد** (= هڪ) Singular Number چوندا آهن؛ جيئن تہ ميز. هڪ کان وڌيڪ کي **جمع** (= گهڻا) Plural Number چوندا آهن؛ جيئن تہ ميزون.

### سوال

هيٺين جي وصف لکو ۽ اُن لاءِ مثال ڏيو:-
واحد اسم جمع جي معنيٰ سان.

# باب سترهون.

## حالتون يا ويڪتيون = Cases

ٻين لفظن سان اسم يا ضمير جو فعل جي وسيلي لاڳاپو ڏيکارڻ واسطي، اسم يا ضمير جي حالت کي **حالت** چئجي ٿو.

۱. اُهو اسم يا ضمير، جنهن بابت فعل جي وسيلي ڪجهہ چئجي، تنهن کي **فاعل** (= ڪم ڪندڙ) Subject چئجي ۽ اُنجي حالت کي **حالت فاعلي** Nominative Case چئجي.

۲. اُهو اسم يا ضمير جنهن تي فعل جي ڪم جو اثر ٿئي تنهن کي **مفعول** (جنهن تي ڪم ٿئي) Object چوندا ۽ اُنجي حالت کي **حالت مفعولي** AccusativeCase چوندا آهن.

۳. جنهن اسم يا ضمير جي پٺيان حرف جر اچي ۽ انهيءَ جر ٻين لفظن سان لاڳاپو ڏيکاري تہ ان اسم يا ضمير جي

(خوشي، ڏک، عجب، سڌ، خواهش ۽ ڌڪار) ظاهر ڪرڻ ۾ ڪم اچي. اهي حرف جملي ۾ ٻين لفظن کان ڌار ڪري ٻيهاريا آهن ۽ انهن جي پٺيان "!" نشاني رکبي آهي؛ مثلاً، واه! واه! افسوس! مار! اڙي! شل! ڌوُ!

---

# باب پندرهون.

## جنسون = Genders

ساهوارن اسمن جون توڙي ضميرن جون ٻه جنسون آهن. جيڪي لفظ نر جي معنيٰ ڏيکارين ٿا، تنکي جنس **مذڪر** (= نر) Masculine Gender چئبو آهي؛ جهڙوڪ، گهوڙو (اسم)، هوُ (ضمير).

جيڪي لفظ ماديءَ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا، تنکي **جنس مونث** (= مادي) Feminine Gender چون ٿا. جهڙوڪ، گهوڙي (اسم)، هوءَ (ضمير).

اهڙيءَ طرح بيجان شين جون ب ٻه جنسون آهن.

**نوٽ:-** سنڌيءَ ۾ **جنس بيجان** Neuter Gender ڪانهي، نڪي **جنس عام** Common Gender آهي.

جنس بيجان اُنهيءَ کي چئجي جنهن ۾ جان يا ساهه نه هجي؛ جهڙوڪ، ڪتاب، ڪرسي.

جنس عام اُنهيءَ کي چئجي جنهن مان خبر نه پوي ته نر آهي يا مادي؛ جهڙوڪ، پکي، ٻار.

ڪن مذڪر اسمن جو مونث ڪو نه جڙندو آهي؛ جهڙوڪ، "هنر"، "تارو"، "ڪانڊ".

ڪن مونث اسمن جو مذڪر ڪو نه جڙندو آهي؛ جهڙوڪ، "ابلا"، "جيجل"، "ضعيفه"، "نڙاڻ".

Sind University Library,
KARACHI. (Pakistan)

ڳجهي يا پڌري هجي ۽ اهو اسم جملي ۾ جدا بيٺو هجي، تنهنجي حالت کي **حالت ندا** (= سڏ) Vocative Case چئجي، مثلاً، (۱) اڙي ڇوڪرا، ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ (۲) ڪشنا، تنهنجي ليکي ۾ گناه ڪينهي. ڪشني جي اڳيان "اڙي" لفظ ڳجهو آهي ۽ جملي ۾ الڳ بيٺو آهي تنهن ڪري "ڪشني" جي حالت ندا چئبي. هتي الف گڏ ساڻ ندا جي معنيٰ نڪري ٿي. (۳) ڇوڪر پڙهه. هتي "ڇوڪر" لفظ کي پڇاڙيءَ جو زبر گڏ ساڻ ندا جي معنيٰ نڪري ٿي. (۴) دوستو - دوستو ۽ هندو - هندوئو يعني اي هندو لوڪو. مسلمان - مسلمانو يعني اي مسلمان لوڪو. اسمن پٺيان او گڏبو ته ندا جي معنيٰ نڪرندي. (۵) شعر ۾ فعل جي پٺيان "آ" وجهبو ته ندا جي معنيٰ ڪرندي؛ جئن ته "جوڳي ڪو ويس ڪري سگهڙي سار لهيجا." لهيجا = پلائي ڪري لهيج. هتي فعل جي پٺيان "آ" جو اُچار آهي ۽ ندا جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو. بعضي "آ" جي پٺيان "هه" گڏيل هوندي آهي؛ جئن ته "ايءَ اِهائي ڳالهڙي سَجَڻ سڻيجاهه".

# باب ارڙهون.

## اسمن جو ڦيرو

اسم يا ضمير کي سڀني حالتن ۾، مذڪر توڙي مونث ۾ واحد توڙي جمع جي صورتن ۾ ڦيرائي آڻڻ کي **اسم جو ڦيرو** Declension or Inflexion چئبو آهي.

# باب اوڻيهون

## زمان = Tenses

**زمان** = وقت.

"آهي،" "هو" ۽ "هوندو" اِهي ٽيئي لفظ ٽن جدا جدا وقتن جي معنيٰ ظاهر ڪن ٿا. هر ڪنهن زمان جا اِهي ٽي پاڳا قدرت جي قاعدي موجب آهن.

(١) زمان **حال** يعني هلندڙ وقت (٢) زمان **ماضي** يعني گذريل وقت (٣) زمان **مستقبل** يعني ايندڙ وقت. اِهي ٽيئي **مکيه زمان** آهن.

ڪي زمان فعل جي ذاتوءَ يا بنياد مان ۽ ڪي اسم مشتق (ڪردنتن) مان جڙيل آهن. يعني زمانن جا ٻه مکيه دفعا آهن.

### ١. بنيادي زمان: Radical Tenses

(١) مضارع (٢) حال (٣) حال استمراري (۴) ماضي شرطيه.

### ٢. ڪردنتي زمان: Participle Tenses

ڪي زمان اسم حاليه ۽ اسم مفعول مان ٺهيل آهن ۽ انهن مان ٺهيل زمانن کي ڪردنتي زمان Participle Tenses چئجي ٿو.

(الف) اسم حاليه مان ٺهيل:- (١) حال مدامي (٢)

## اسم جو ڦيرو = DECLENSION

| حالت | مذکر | | مونث | |
|---|---|---|---|---|
| | واحد | جمع | واحد | جمع |
| ١. فاعلي | ڇوڪري لکيو | ڇوڪرن لکيو | ڇوڪريءَ لکيو | ڇوڪرين لکيو |
| ٢. مفعولي | ڇوڪري کي پاڙهه | ڇوڪرن کي پاڙهه | ڇوڪريءَ کي پاڙهه | ڇوڪرين کي پاڙهه |
| ٣. جري | ڇوڪري ڏانهن لک | ڇوڪرن ڏانهن لک | ڇوڪريءَ ڏانهن لک | ڇوڪرين ڏانهن لک |
| ٤. اضافت | ڇوڪري جو ڪتاب | ڇوڪرن جو ڪتاب | ڇوڪريءَ جو ڪتاب | ڇوڪرين جو ڪتاب |
| ٥. ندا | اي ڇوڪرا! | اي ڇوڪرؤ! | اي ڇوڪري! | اي ڇوڪريون! |

اسم جي صورت، جا سڀني حالتن ۾، يا ڪنهن ۾ حرف جر پٺيان اچڻ کانپوءِ عام يا ساڳي رهي تنهنکي **عام صورت** Formative چوندا آهن. مثلاً ''ڇوڪري''* جو اُچار ڪن حالتن ۾ ساڳيو آهي تنهنڪري اُنجي عام صورت ڇڪبي.

## زمان ۽ اُنهنجو گردان يا ڦيرو TENSES CONJUGATION

| Tenses زمان | Explanation سمجهاڻي | First Person Singular | First Person Plural | Second Person Singular | Second Person Plural | Third Person Singular | Third Person Plural |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| Present حال | (حال = هلندڙ) هلندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم ٿيڻ جي معنيٰ ڏيکاري. | I eat مان کان ٿو | We eat اسين کائون ٿا | You eat تون کائين ٿو | You eat توهين کائو ٿا | He eats هو کائي ٿو | They eat اُهي کائين ٿا |
| Present Continuous حال استمراري | (استمراري = جاري) شروع ٿيل ڪم جنهن وقت ڳالهه ڪجي تنهن وقت به جاري يا چالو هجي. | I am eating مان کان پيو | We are eating اسين کائون پيا | You are eating تون کائين پيو | You are eating توهين کائو پيا | He is eating هوکائي پيو | They are eating اُهي کائين پيا |

ماضي مدامي (٣) حال متشڪي (٤) مستقبل (٥) مستقبل استمراري.

(ب) اسم مفعول مان ٺهيل (١) زمان ماضي مطلق (٢) ماضي استمراري (٣) ماضي قريب (٤) ماضي بعيد (٥) ماضي متشڪي.

مضارع، ماضي مطلق ۽ مستقبل کانسواءِ ٻيا سڀ **مرڪب زمان** آهن.

## گردان = Conjugation

فعل جي ڪنهن به زمان کي ٽنهي ضميرن (ضمير متصل) وارين پڇاڙين لڳائي مذڪر ۽ مونث خواه واحد ۽ جمع ۾ آڻڻ کي فعل جو گردان (= ڦيرو) Conjugation چئجي ٿو.

## گردانن جا درجا

سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ گردانن جا ٻه درجا آهن:-

(١) اَ- گردان (٢) اِ- گردان.

(١) هلڻ- هل + اَڻ.

امر واحد هل = هل + اَ ..... ...... اَ- گردان.

(٢) پائڻ- پا- اِڻ.

امر واحد- پاءِ = پا + اِ ..........اِ- گردان.

امر نيازي- پائج = پا + اِ ج ...... اِ- گردان.

فعل مجهول- ساڙجڻ=ساڙ+ اِ جڻ.....اِ- گردان.

فعل بالواسطہ- ساڙائڻ= ساڙا+ اِئڻ......اِ- گردان.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| Past<br>ماضي<br>مطلق | (ماضي=گذريل<br>مطلق=بنهه) جو<br>وقت بنهه گذري<br>ويو هجي ۽ ڪم<br>ٿي چڪو هجي. | I ate<br>مون کاڌو | We ate<br>اسان کاڌو | You ate<br>تو کاڌو | You ate<br>توهان کاڌو | He ate<br>هن کاڌو | They ate<br>هنن کاڌو |
| Past<br>Continuous<br>ماضي<br>استمراري | گذريل وقت ۾<br>ڪو ڪم چالو<br>هو يا هليو پئي | I was eating<br>مون پئي<br>کاڌو | We were eating<br>اسان پئي<br>کاڌو | You were eating<br>تو پئي کاڌو | You were eating<br>توهان پئي<br>کاڌو | He was eating<br>هن پئي<br>کاڌو | They were eating<br>هنن پئي<br>کاڌو |
| Past<br>Habitual<br>ماضي<br>مدامي | گذريل وقت ۾<br>ڪو ڪم هميشه<br>ٿيندو هر پيو | I used to eat<br>مان کائيندو<br>هوس | We used to eat<br>اسين<br>کائيندا<br>هئاسين | You used to eat<br>تون کائيندو<br>هئين | You used to eat<br>توهين<br>کائيندا هئا | He used to eat<br>هو کائيندو<br>هو | They used to eat<br>اهي<br>کائيندا هئا |

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| Past Conditional<br>ماضي شرطيہ | (شرطيہ = جنهن ۾ شرط هجي) گذريل وقت ۾ ڪو ڪم ڪنهن شرط پوري ٿيڻ تي ٿئي ها | I would have eaten<br>مان ڪائن ها | We would have eaten<br>اسين ڪائون ها | You would have eaten<br>تون ڪائين ها | You would have eaten<br>توهين ڪائو ها | He would have eaten<br>هو ڪائي ها | They would have eaten<br>اُهي ڪائين ها |
